www.sindhigulab.com
World's First SINDHI internet magazine
Sindhi Kahani written by : Ashokkumar Khatri, from LAHOR

# ڏاڪٽن جو ٻنڌڻ

ڊاڪٽر صاحب ڇا اندر اچڻ جي اجازت آهي؟...(منير ڪلينڪ جي ڪوريڊور مان اندر ايندي، اندر ٻارن جي روئڻ ۽ پٽڻ جو آواز الاهي تيز هو).
اڙي تون منير!ڏي خبر تون ته ير چوڏهين جو چنڊ ٿي ويو آهين. (نبيل روولونگ چيئر تان اٿندي هٿ ملايو).
ڪلينڪ جي اندر وٺ پڪڙ جو ماحول هو، پت جي هر پاسي دوائن جي ڪمپنين جا پوسٽرلڳل هئا چوڏهين جوچنڊ نه عيد جو چنڊ عيد جو، لڳي ٿو مريضن جي پرمار آهي، ڪنهن کي ڊرپ لڳل آهي، ڪو بخار جي پيڙاهه ۾ پيو ٿو مري، مطلب ته هرڪو پنهنجن سورن سان هٿ آيل آهي، ڊاڪٽر نبيل.
(ايتري ۾ هڪ پوڙهو ماڻهو ڪنگهندي اندر اچي ٿو)...... سائين ڊاڪٽر ڪو بلو ڪر ڪنگهه ۽ تپ اچي وڪوڙيو آهي، وڄڻ جو نالو ئي نٿا وٺن.
نالو وري ڪئين وٺندا سڄو ڏينهن وتين ٿو رلندو، (اسٽيٿوسڪوپ سان چيڪ ڪندي) ٺورو ساهه ڏاڍيان ڪڻ.
ساهه سائين نڪري ڪون ٿو ڏاڍيان وري ڪٿان ڪنيان؟...
مايه ٻڌ هي پرسڪرپشن آهي دوائون جلد ناهي ۽ هڪ انجيڪشن به ڏي ته ٺوڪيانس هن کي..
واهه واهه، نبيل نرس ته ناهوڪڙي آ..... منير چيو.
يار چو نه رکجي.. ڪراچي جي ٻهراڙين ۾ اهڙا ئي پيس آٽجن ته رونق به لڳل هوندي آهي (نرس انجيڪشن کڻي آئي)
ڊاڪٽر هي ٽڪو ته ماري وجهندو، هي مون لاءِ آهي يا ڪنهن جناور لاءِ؟ پوڙهي چيو.
هاڻي بس ڪر (سئي هڻندي) هي گوريون اٿئي، هڪ هڪ گوري ٽيئي وقت وٺجان، هاڻ تون هل، چاچا هي ڇا پئسا اڄ به پورا ڪون آهن؟
صاحب ايترا ڪٿان آڻيون، توهان ٿا هٽو اچيون سوئيون سو لپ پري به اچون ته توهان لاءِ گهٽ آهن.
چڱو تون وڃ ۽ ٻاهران هوٽل تان ٻه ٻوتلون موڪل مهمان آيل آهي منهنجو. ٻيو ٻڌاءِ منير ڪٿان پيو اچين؟
(ٻيو مريض به ير سان اچي ويهي رهي ٿو، ايتري ۾ ٻوتلون به ٽيبل تي اچي وڃن ٿيون)
سڌو حيدرآباد مان پيو اچان ۽ ڪجهه ڏينهن تو وٽ رهڻ جو ارادو آهي.
چو نه اکين تي آهين يار. ڏي خبر تنهنجي فائنل ايئر جي؟
(ڳالهه ٻول سان گڏ مريض جي جانچ پرتال به هلندي رهي ٿيءِ انهي سان گڏو گڏ ڪلينڪ ۾ دوائن جي ڪني ڏپ پنهنجو واس ڦيلائيندي رهي ٿي).
ڇا ڏيان خبر يار زندگي ۾ هاڻي ڪو مزو ئي ڪون رهيو آهي......
مريض آهستي آهستي ڳالهه ٻول سان گڏ نڪرندا رهن ٿا
چو ائين چو ٿو چئين چريا؟ مزو وٺڻ سڪ دنيا مان، رنگن سان پريل اٿئي. ڊاڪٽر نبيل چيو.
يار انهي ڪري چوان ٿو ته رڳو ڌڪا ۽ ٿابا آهن، ڪلينڪ ڪولڻ لاءِ به جگر گهرجي هڪ پيري جي سيڙهپ آهي الاهي هلي نه هلي؟

ڇڏ يار منير تون ته کو ڳڻتين جو ڪاڏل آهين ، باقي احوال گهر هلي ڪندا سين، تون رڳو ايترو ٻڌائي منير جاني صدف سان تنهنجي جيڪا ڳالهه ٻول هلي رهي هئي ڪيسيتائين پڄائي ان ڪي؟
.......
نبيل يار هي ڳالهه ڪونهي(ٿورو تکو ٿيندي) هو ته رڳو منهنجي سني دوست آهي، انهي ڪان وڌيڪ ڪجهه به نه، تون ڇڏ منهنجي ڳالهين کي مونکي رڳو هڪڙي ڳالهه جو جواب ڏي.
اُها وري ڪهڙي منير؟
يار توهان آهيو پڪا مسلمانَ ۽ تنهنجو پيءُ به ته نيڪ نمازي آهي، پوءِ تون پنهنجي ڪلاس فيلو پريا کي.....؟
يار هلڪو ڳالهائي هو ته مونکي راکي ٻڌندي آهي.
اڙي نبيل منهنجي ڳالهه ته ٻڌ توکي پنج پيٽون اڳيئي آهن، هي ڇهين توکي ڪٿان سجهي ۽ اها به وري هندو.
يار منير سچ ٿو چئين الله سائين شل نصيب چڱو ڪري ۽ انهن کي ور به دل گهريا ئي ڏي، بس يار هر پيري اها ئي دعا ڪريان ٿو، باقي رهي پريا جي ڳالهه سو هن کي کو ياءُ ڪونهي، هڪ هو سو الله سائين ڪسي ورتو، مون جيڏو ئي هو موٽر سائيڪل جي ايڪسيڊنٽ ۾ گذاري ويو ۽ ڳوٺ ۾ به ايهي اسانجا پاڙيسري آهن سائين ڪرشن جي ڌي آهي گڏ به پڙهندي هئي ۽ ايندا ويندا به گڏ هئا سين. اڳي جڏهن سندس ياءُ جيئرو هو ته ڪيٻائيندي هئي ڳالهائڻ کان ۽ ڪاليج ۾ به سامهون ڪون ايندي هئي، جڻ کو راڪاس هجان.
ته پوءِ ڪئين ڳالهائڻ شروع ڪيو؟
هائو هائو ٻڌايان ٿو.
جلد ٻڌائي نه.
ڏيڍ سال اڳ جي ڳالهه آهي آخر مون پهل ڪري ڳالهائي ورتو. ڏس سياڻي به رڪشا ٻنڌڻ آهي ڪهڙي ڏينهن ڳالهه ڪئي اٿئي واقعي يار.
ها پوءِ
ٻيو ته هن جي ياءُ جي ۽ منهنجي جنم جي تاريخ به ساڳي آهي شايد انهي جي ڪري راضي ٿي آهي، گڏو گڏ چاچا ڪرشن به چيو هوته سنيل ۾ ۽ نبيل ۾ کو فرق ته ڪونهي اسان لاءِ جهڙو سنيل تهڙو نبيل.
ڇا تنهنجي باباکي خبر آهي؟
ها يار بابا ته تمام سنو ماڻهو آهيءِ انهي سان گڏ چاچا ڪرشن جو گهاٽو يار به ، بابا به چيو هو "انهي کان وڌيڪ انسان ذات جي ٻي ڪا خدمت ٿي نٿي سگهي، الاهي خدا ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي آهي" هن گهر ۾ ئي راکي ٻڌي هئي، انهي ڏينهن کانپوءِ روز ٿي ملي.
يار واقعي ڌرم ياءُ ٿي چڱو فرض نڀايو اٿئي، (منير خوشي جو اظهار ڪندي چيو)
يار منير ڏاڍي ٿي وڻيم، جيڪو ماڻهو هڪ سال پهرين ڳالهائيندو ڪون هو هاڻ ايترو ويجهو ٿي ويو آهي، مونکي ته ڪنهن جي به پرواهه ڪونهي، پوئين مهيني منهنجي يعني سنيل جي برٿ ڊي تي آئي هُئي، اسپيشل ڪيڪ بيڪري مان وٺي آئي هئي، يار هن ڪيڪ ته ڪون ڪاڻو هئائين پر پنهنجي ياءُ جي ياد ۾ سُڏڪي سُڏڪي مونکي ياڪر ضرور پاتو هئائين.
پوءِ ڇا؟
پوءِ ڇا منهنجا ته ٻيڙا پار ٿي ويا، مون تي جڻ ڪا وڄ ڪري هئي ڏنو تو به آهي ڪيڏي سهڻي آهي، اچو کير جهڙو رنگ، ڊگها ڪارا وار پاڻ به ڊگهي، جڏهن ريشمي ڪپڙن ۾ مونکي ياڪر پاتو هو منهنجا ته لڳ ئي نري ويا هئا، پوءِ ته نه پڇ ڪٿي ڪٿي هٿ ۽ سينو لاتو هو. ڳلن تان

ٻوڙها اگهندي چپن تان آڱريون گزريون هيون، پويان پني تان هٿ ورائي آٽت ڏني هئي، آءُ جو وينو آهيان تون چو ٿي گهٻرائين، سنيل حيات آهي، سياڻي ٻه پلارو ڏينهن آهي، سياڻي وري پنهنجي هڪ ساهيڙي سان گڏ منهنجي فليٽ تي ايندي. پر ۾ ويهي هٿ هٿن ۾ ڏئي راڪي ٻڌندي، منهنجي وڏي عمر لاءِ آرتي اتاريندي ۽ پنهنجن هٿن سان رسُ پريو ڄمون کارائيندي ته آءُ ڪس کندي هن جي آڱرين کي پنهنجي چپ هٽندس، پنهنجي کيسي مان 500 رپيا ڪڍي هن جي هٿن تي رکندس ۽ هن جي هميشه رڪشا کندي لڄ رکندس. تون اڃان چئين ٿو ته زندگي ۾ مزو ڪونهي، يار مزو ورتو ويندو آهي ملندو ڪونهي. مون کان ڪجهه سک انسان ذات جي خدمت ڪر.

(ڪلينڪ ۾ هيسيل مريضن جي وچ ۾ وحشياڻو ٺهڪ ناچ ڪرڻ لڳي ٿو.)

اشوڪمار ڪتري. لاهور.